# 1

# برادريءَ / راڄ جي ماحولي صحت کي زور وٺرائڻ

# Promoting Community Environmental Health

| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| صحت سڌارڪن ڪالرا ختم ڪري ڇڏي | 2 |
| تبديليءَ لاءِ هڪ ٽي ڪم ڪرڻ | 3 |
| صحت لاءِ ڪم ڪندڙ اها تنظيم ڪامياب ڇو ٿي؟ | 4 |
| ماحولي صحت جي سوچ ڪيئن وڌڻ شروع ٿي؟ | 5 |
| وٽن ڪان آجي تڪري ايئن آهي جيئن بنا ڇت جي گھر | 6 |
| مسئلي جو اصل سبب ڄاڻڻ | 7 |
| هڪ ڪامياب ماحولياتي صحت سڌارڪ | 8 |

# برادريءَ/ راڄ جي ماحولي صحت ڪي زور وٺرائڻ




ڪنهن ٻار يا ڪٽنب جي صحت سڌارڻ سنوارڻ جي ڳالهه ته سمجهه ۾ اچي ٿي پر توهان پنهنجي ماحول جي صحت (environmental health) کي ڪيئن سڌاريندا ۽ سنواريندا؟

جڏهن اسان ماحول جي صحت جي ڳالهه ڪريون ٿا ته ان جو اهو ئي مطلب هوندو آهي ته، اسان جي سرگرمين سبب اسان جي آسپاس واري دنيا (ماحول) ڪيئن متاثر ٿئي ٿي ۽ ان جو ڪهڙو اثر پيدا ٿئي ٿو. جيڪڏهن اسان جو ڪاڏو، پاڻي ۽ هوا ڪني آهي ته اهي اسان کي بيمار ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهن اسان هوا، پاڻيءَ ۽ زمين جي استعمال ڌانهن ڌيان نه ڏينداسين ته اسان نه رڳو پنهنجو پاڻ کي پر پنهنجي اوسي پاسي جي دنيا کي به اگهو ڪري ڇڏينداسين. ڇو ته، اسان پنهنجي ماحول کي بچائڻ سان پنهنجو پاڻ کي به بچايون ٿا.

ماحول جي صحت سڌارڻ جي عام طور تي شروعات تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن ماڻهو محسوس ڪرڻ شروع ڪن ٿا ته، صحت جو ڪو به مسئلو ڪنهن هڪ فرد يا ٽولي بجاءِ هڪ سڄي برادريءَ/ راڄ جو مسئلو آهي. جڏهن اهڙي مسئلي ۾ سڀ ماڻهو ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا، تڏهن ئي اهي گڏجي سڏجي ڪا تبديلي آڻي سگهن ٿا.

هن باب ۾ اسان، اِڪوئيڊور (Ecuador) جي هڪ ڳوٺ مانگلارالٽو (Manglaralto) جي هڪ صحت مرڪز جي ڳالهه ٻڌائي رهيا آهيون، جتي صحت سڌارڪن ڪالرا جهڙي وبائي بيماريءَ کي ختم ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ راڄ جي ماڻهن گڏجي اهڙا طريقا ڳولي، صحت جي ٻين مسئلن کي به هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو.

# صحت سڌارڪن ڪالرا ختم ڪري ڇڏي

اِڪوئيڊور جي ساموندي ڪناري جي موسم، 6 مهينا سخت خشڪ ته، 6 مهينا گهڻي گهميل رهي ٿي. جنهن ڪري اتي فصل اپائڻ ڏکيو ٿئي ٿو. مارڪيٽ نه هئڻ برابر آهن ۽ حڪومت اسڪول، صحت مرڪز ۽ اهڙيون پيون سهولتون جهڙوڪ: پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ڏيڻ ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ مڙيوئي ڪو بندوبست ڪري ٿي. جڏهن ان علائقي ۾ سال 1991 ۾ ڪالرا (cholera) پکڙي ته گهڻن ماڻهن کي ان بابت ڄاڻ نه هجڻ ڪري ڪيترا ماڻهو سخت بيمار ٿي پيا.

مانگلارالٽو ۾ روزانو ڪيترا ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي هڪ مقامي اسپتال ۾ داخل ڪرائيندا رهيا. جيڪي ڪمزور، ڏکندڙ ڪٽسيل، پاڻيءَ جهڙن دستن ۽ جسم ۾ پاڻيءَ جي کوٽ پيدا ٿيڻ سبب سوڪهڙي (dehydration، جسم مان گهڻي پاڻيٺ جو ضايع ٿي وڃڻ) جي بيماريءَ ۾ ورتل هئا. صحت سڌارڪن محسوس ڪيو ته هو ڪالرا جي ويا سبب بيمار ٿي پيا آهن ۽ جيڪڏهن هنن ان جا ترت اپاءَ نه ورتا ته ڪيترا ماڻهو مري ويندا.

جيئن ته ڪالرا سبب پيئڻ جو پاڻي ڪنو ٿي وڃي ٿو ۽ ڪالرا جو جيوڙو هڪ فرد ڪان ٻئي فرد تائين سولائيءَ سان پهچي سگهي ٿو تنهنڪري صحت سڌارڪن سمجهيو پئي ته رڳو اَگهن جي علاج ڪرڻ مان ڪجهه نه ورندو. ڪالرا کي روڪڻ لاءِ ڪين هڪ اهڙو رستو وٺڻو ۽ اپاءُ لهڻو هو جنهن رستي مانگلارالٽو ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي هر رهواسيءَ کي پاڪ صاف پاڻيءَ ۽ پيئڻ ويهڻ لاءِ سٺن ڪاڪوسن جي سهولت ملي سگهي.

صحت سڌارڪن، ڳوٺن جي چڱن ڀلن ۽ سگهن فردن کي گڏ ڪري مقامي تنظيمن کي مدد ڪرڻ لاءِ چيو. هو هڪ اهڙي تنظيم کي، جنهن جا ٻين ملڪن ۾ پائيوار هئا ڪين سمجهائڻ ۽ مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته سندن مالي سهائتا ڪن ته جيئن هنگامي بنيادن تي ماڻهن کي صاف پاڻي ۽ ڪاڪوسن جي سهوليت ڏئي سگهجي.

صحت سڌارڪن پنهنجيءَ ان رٿا کي "لوڪ صحت" (Salud Para el Pueblo) جو نالو ڏنو ۽ هر ڳوٺ ۾ "پنچائتي صحت ڪميٽيون" جوڙيون. ڪميٽيءَ جي ميمبرن "صحت سکيا ڏيندڙ ڳوٺاڻن" جي چونڊ ڪئي جن کي سکيا ڏني وئي ته اهي ماڻهن کي، پاڻيءَ ۽ صحت صفائيءَ (ڪاڪوس ناهڻ، اهي صاف رکڻ ۽ هٿ ڌوئي صاف ڪرڻ ته جيئن جيوڙن جي پکڙجڻ کي روڪي سگهجي) بابت ٻڌائين ۽ سمجهائين. ان طريقي سان صحت سڌارڪن، ڳوٺاڻن کي ئي ڪالرا خلاف ڪات کهاڙا کڻڻ ۽ پنهنجي پنهنجي برادريءَ ۾ ماحولياتي صحت جهڙن اهم پهلوئن جي ذميواري رکي.



# تبديليءَ لاءِ هڪ ٿي ڪم ڪرڻ

ڳوٺاڻن صحت سکيا ڏيندڙن سڀ کان پهريائين، ماڻهن کي اها ڳالهه سمجهائي ته ڪالرا ۽ دست پيدا ڪندڙ بيون بيماريون ڪيئن پکڙجن ٿيون (ڏسو ص. 47 کان 54). ان ڪانپوءِ هنن هر گهر ۽ هر ڳوٺ ۾ وڃي، ڏسي پڪ ڪئي ته ڪين ملندڙ پاڻي صاف آهي (ڏسو ص. 92 کان 99). هنن ماڻهن کي اهو به سيکاريو ته سوکهڙي کان ڪيئن ٻچجي، جيڪو دستن جي ڪري مرڻ جو هڪ مکيه ڪارڻ آهي ۽ ان لاءِ ڪين او آر ايس/ نمڪول (rehydration drink) ناهڻ سيکاريو جيڪو اوٻاريل پاڻيءَ ۾ کنڊ ۽ لوڻ ملائي ناهي ٻارڙي ۽ ڪنهن به دستن جي شڪار ٿيل کي ڏنو وڃي ٿو (ڏسو ص. 53). هنن اسڪولن، ديولن، اوطاقن ۽ عوامي ميڙاڪن جي جاين تي وڃي ماڻهن کي ڪالرا جي بچاءَ لاءِ پنهنجا هٿ مَلي صاف ڪرڻ، ڪاڪوس ناهڻ ۽ انهن جي استعمال ڪرڻ بابت سمجهايو. ايئن ڪجهه هفتن ڪانپوءِ جهڙوڪر ڪالرا ختم ٿي ويئي.



صحت سڌارڪن اهو به سمجهيو پئي ته ڪالرا جي ٻيهر اٿلڻ کان بچڻ لاءِ ڪين اجا گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي.

ماڻهن، مقامي انجنيئرن سان گڏجي واٽرسپلاءِ جو سرشتو جوڙيو. هر ڳوٺ ۾ موجود کڏن وارن ڪاڪوسن ۾ سڌارو آندو ۽ پڪ ڪئي ته هر گهر ۾ وهنجڻ لاءِ جهجهو پاڻي موجود آهي. ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ جي اصول هيٺ ڪم ڪيو ۽ واٽرسپلاءِ ۽ ڪاڪوسن کي صاف ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون سکيون. هنن اها به پڪ ڪئي ته، جانور واڙيل رهن (جيئن جانورن جي غلاظت پاڻيءَ سان نه ملي سگهي) ۽ پاڻيءَ جا ٽانوَ / دٻا ڍڪيل رکجن ته جيئن مڻن بيماريون پکيڙيندڙ مڇر ۽ مکيون واڌ ڪري نه سگهن.

جيئن جيئن اهو ڪم هلندو رهيو، تيئن تيئن وڌيڪ ڳوٺن جا ماڻهو ان ڪم ۾ شامل ٿيندا ويا. شروع ۾ ته 22 ڳوٺ هئا پر پوءِ "لوڪ صحت" ڪجهه وقت ۾ 100 ڳوٺن تائين پهچي ويئي. ٿورڙي عرصي ۾ نه رڳو سڄي علائقي مان ڪالرا ختم ٿي ويئي پر ان سان گڏ ٻيون بيماريون به گهٽجي ويون.

# صحت لاءِ ڪم ڪندڙ اها تنظيم ڪامياب ڇو ٿي؟

"لوڪ صحت" جي مهم نہ رڳو ڪالرا روڪڻ ۾ تمام گهڻي ڪامياب ٿي، پر اهڙا پيا بہ ڪيترائي مسئلا حل ڪندي رهي. ان جو ڪارڻ هي هو تہ صحت سڏارڪن:



- **ماڻهن سان گڏجي سندن گهرن ۾ ڪم ڪيو.** "لوڪ صحت" جي مهم هيٺ، صحت سڏارڪن هر گهر ۾ وڃي ماڻهن کي پاڻيءَ کي صاف رکڻ جي سکيا ڏني. ايئن ڪرڻ سان صحت سڏارڪن کي سندن مسئلن ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ مدد ملي تہ برادريءَ ۾ سندن ويساهہ بہ وڌيو.
- **ڪيترا گروپ گڏ ٿي ويا.** مقامي تنظيمون، مقامي سرڪار، قومي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمون (اين جي اوز) ۽ صحت جي وزارت سميت سڀني گڏجي ڪم ڪيو. جنهن سان اها پڪ ٿي تہ سندن سڀ وسيلا ۽ خرچ هن وبا کي ختم ڪرڻ لاءِ ميسر آهن. سندن گڏجي ڪم ڪرڻ سبب هڪ تنظيم پاران ٿيندڙ ڪم ٻيءَ تنظيم يا هڪٻئي خلاف ڪو ڪم نہ ٿي ڪيو.



- **ماڻهن ان جو هڪ وڏ ۾ وڏ اهم وسيلي طور قدر ڪيو.** هنن نہ تہ ٻوناٽن تي سندن صحت جي مسئلن جو ڏوهہ ڏنو ۽ نہ ئي برادريءَ کان ٻاهرين مدد تي ياڙيو. ان بجاءِ هنن ماڻهن جي پنهنجن تجربن ۽ آزمودن کي استعمال ڪندي پنهنجا گڏيل مقصد ماڻيا. رانديون، پتليون، راڳن، بحثن ۽ راڄوڻي تعليمي سرگرمين رستي ماڻهن کي ڪٺو ڪري پنهنجي پنهنجي ڄاڻ، علم ۽ گرن جي ڏي وٺ ڪرائي. اهڙين سرگرمين سبب ٻوناٽن ۾ پاڻ تي ويساهہ ۽ اتساهہ پيدا ٿيو جو هنن ڏٺو تہ ڪيئن نہ ڄاڻ ۾ شامل ٿيڻ سان صحت جا گنڀير مسئلا نبيرجي وڃن ٿا.

# ماحولي صحت جي سوچ ڪيئن وڌڻ شروع ٿي؟

وقت گذرڻ سان گڏ، صحت سڌارڪ اهو بہ محسوس ڪندا رهيا تہ بيماريون پيدا ڪندڙ جيوڙا، گند ۾ گند جي ڍيرن تي اُسرن ۽ واڌ ڪن ٿا. هنن راڄ گڏ ڪري کين گهٽين ۾ گند جي ڍيرن کي صاف ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪرائي. هر ڳوٺ ۾ "ماحولي صحت سڌارڪن" جي هڪ ٽولي منظم ڪري هر هڪ لاءِ گند صاف ڪرڻ جا ڏينهن مقرر ڪيا. هنن هڪ انجنيئر جي صلاح سان، ڪن ڪچري جي ڍيرن کي محفوظ طريقي سان زمين ۾ پورڻ/ لَٽڻ (sanitary landfills) شروع ڪيو (ڏسو ص. 412). ايئن ڪجھ سالن ڪانپوءِ صحت سڌارڪن واپرايل شين کي ٻيهر واپرائڻ جي رٿا (ريسائيڪلنگ پروگرام) هلائڻ جون تياريون ڪرڻ شروع ڪيون (ڏسو ص. 404) تہ جيئن ڪچري جي ڍيرن جو مقدار گهٽائي سگهجي. پوءِ هڪ بين الاقوامي اداري، شهر جي مرڪزي آفيس کي هڪ وڏي ٽرڪ ۾ گند۔ ٽرالي ڏني تہ هو ريسائڪلنگ جو ڪم سولائيءَ سان ڪري ٿي سگهيا. ريسائيڪلنگ مان ٿيندڙ ڪمائيءَ مان ٽرڪ جو تيل ۽ مرمت وغيره جو خرچ نڪرندو ٿي رهيو.

سال 1996 تائين "لوڪ صحت" هيٺ هزارين ڪاڪوس ٺاهيا، پاڻيءَ جون ڪيتريون پائيپ لائينون وڇايون، ڪچري پورڻ لاءِ بہ ڪڏا کوٽيا ريسائيڪلنگ جو هڪ پروگرام ۽ ماڻهن لاءِ پنهنجين پنهنجين وسندين ۾ باغيچن هڻڻ جا پروگرام شروع ڪيا.




1997 ۾ هڪ وڏي تباهي ٿي. برساتي طوفان جنهن کي اِيل۔نينو (El_Nino) سڏجي ٿو، اڪوئيڊور جي سامونڊي پٽيءَ سان اچي لڳو. اٽڪل ڇهن مهينن تائين روز، تيز طوفان ۽ مينهن وسندو رهيو. طوفانن وڻ پٽي ڇڏيا، برسات ٽڪرين کي گپ جي ڇپن ۾ مٽائي ڇڏيو جنهن سبب سڄي ماٽري لُڙاٽيل ۽ ناسي مٽيءَ جي دريائن سان گجندي رهي. درياءَ اٿلي، پنهنجو وهڪرو بدلائي سيني ڳوٺاڻن کي تباھ ڪري ڇڏيو. ايئن سندن سالن جو ڪيل سخت پورهيو پاڻيءَ ۾ لُڙهي ويو.

ٽڪرين جي ڪرڻ ۽ جهرڻ سان "لوڪ صحت" تہ جهڙوڪر پُري پورا پورا ٿي ويئي. اها ڳالھ سٺي نموني سمجهڻ لاءِ تہ ايئن ڇو ٿيو، ان لاءِ اسانکي ان علائقي جي تاريخ تي هڪ نظر وجهڻي پوندي.

## وڻن کان آجي ٽڪري ايئن آهي جيئن بنا ڇت جي گهر

اِڪوئيڊور جي ساموندي پٽيءَ جا جبل ۽ ٽڪريون ڪنهن دور ۾ گهاٽن ٻيلن سان ڍڪيل هونديون هيون، جتي ٻه سمند جي پاڻيءَ سان درياءَ جو مٺو پاڻي ملندو هو. اتي تمر جا وڻ ڦٽي پوندا هئا. تمر سبب ساموندي ڪنارن جو طوفانن کان بچاءُ ٿيندو رهندو هو ته اتي مڇي ۽ ڪوڏ مڇي (shell fish) به جام ٿيندي هئي. وهڪرن سان گڏ بانس جا وڻ ٿيڻ سبب درياءَ جا ڪپر ڀُرڻ يا ڪاٽ/ڪاڙ (erosion) کان بچيل رهندا هئا. ٻيلا، سيبوءَ (Ceibo) جهڙن شاهي وڻن سان ڀريل هجڻ ڪري چانورو ڏيندڙ هئا. وڻن جون اونهيون پاڙون مٽيءَ ۾ پاڻي جهلي بيٺيون هونديون هيون. جبلن جي لاهين تي ٿيندڙ ڪيروب (Carob) وڻ، زمين کي سوڪهو جهليو ۽ ڇپن کي ڳسڪڻ کان بچايو بيٺا هوندا هئا ته وڻن مان پن ڇڻي زمين کي زرخيز ڪندڙ هئا.



اڳ ۾

ٻيلا ماڻهن، هرڻين، پکين، جيتن، ڪرڙين ۽ بيشمار جانورن جا گهر هوندا هئا. ماڻهو بانس ۽ پام جي پنن مان گهر اڏيندا هئا، شڪار لاءِ جانور، کائڻ لاءِ جهنگلي ٻير، پيئڻ لاءِ سنو پاڻي حاصل ڪندا ۽ زرخيز زمين ۾ باغيچا ۽ هلڪي ڦلڪي پوکي راهي ڪندڙ هئا.

جڏهن ته گذريل 100 سالن دوران ڪيترائي وڻ وڏي ريل جي پٽڙي وڇائي ويئي ۽ گهر ناهيا ويا. پوءِ هڪ جپاني ڪمپنيءَ اچي رهيل وڻ به وڏي پاڻيءَ جا جهاز پري جپان ڪٽي ويئي. جيئن ته خط استوائي ٻيلن جا وڻ تمام گهڻا سگهارا ٿين ٿا ان ڪري سٺيءَ قيمت تي وڪامجن ٿا. جڏهن وڻ ختم ٿي ويا ته ڪمپني به هلي ويئي. ريل جي پٽڙي ٻي ڏيانيءَ جو شڪار ٿي وقت سان گڏ ويران ٿي ويئي.



پوءِ

هاڻ، اڪوئيڊور جي ساموندي پٽيءَ جا جبل بنجر ۽ غير آباد ٿي ويا آهن. ٽڪريون ويران ۽ انهن تي ڪو وڻ ٽڻ ڪونهي. خشڪ موسم ۾ مٽي اڏامندي رهي ٿي ۽ هوا ۾ رڳو مٽي هجي ٿي. مينهوڳيءَ جي مند ۾ مٽي، ڳپ ۽ ٽڪريءَ جون ڇپون پُرنديون لڙهنديون رهن ٿيون. 1997 ۾ جڏهن ايل-نينو طوفان آيا ته ڪنهن به وڻ نه هجڻ سبب ڳوناٽا پاڻ کي اهڙي تباهه ڪندڙ آفت کان بچائي نه سگهيا.

## مسئلي جو اصل سبب ڇاڻڻ

جڏهن، ”لوڪ صحت“ جي شيدائين ڏٺو ته، ڪيئن نه مينهن ڳوٺن جا ڳوٺ ۾ انهن سان گڏ پاڻيءَ جي پائيپن جو سرشتو ۾ ڪاڪوس به لوڙهي وڃي ٿو ته محسوس ڪيو ته ڪين مستقبل ۾ ايندڙ اهڙي تباهيءَ کان بچڻ لاءِ مختلف قسمن جا ڪم ڪرڻا پوندا. ڇو ته، پاڻيءَ جي سنجڻن جوڙڻ ۾ صحت صفائي رستي رڳو هڪ قسم جو مسئلو حل ٿي سگهي ٿو.

اتي جي ڳوٺاڻن ۾ هڪ چوڻي مشهور آهي ته، ”ڪا به ٽڪري بنا وڻ جي ايئن آهي، جيئن ڪو گهر بنا ڇت جي“. ان جو مطلب ٿيو ته وڻ، ٽڪرين کي هوا ۾ مينهن رستي ڪاڇڻ کان ايئن بچائين ٿا جيئن ڇت ماڻهن کي گهرن ۾ بچائي ٿي. صحت سڌارڪن ماڻهن جو وڻن پوکڻ ڏانهن ڏيان ڏيارڻ ۾ قدرتي وسيلن جو بچاءُ ڪرائڻ شروع ڪيو. جو اهي به ايترائي ضروري ٿين ٿا جيتري صحت سڌارڻ. ڇاڪاڻ ته، اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ۾ ساڳيون آهن!

اها ڳالهه ذهن ۾ رکندي، صحت سڌارڪن وڻن پوکڻ جي رٿا شروع ڪئي پر ڪيترن ڳوٺاڻن وڻن پوکڻ کان لهرايو پئي. هڪ فرد نالي اِڊيوئارڊو ته وڻن پوکڻ جي ڪم ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

”اهو وڏو ڪم آهي“. اِڊيوئارڊو اها ڳالهه چئي ڪيترن ڳوٺاڻن کي مڃايو ته، ”صحت سڌارڪ اسان کان هرويرو ڪم ڪرائين ٿا“ جنهن سبب ڪيترا ماڻهو صحت سڌارڪن جي خلاف ٿي بيٺا.

گلوريا نالي هڪ هيلٿ ورڪر، اڊيوئارڊو جي ڳوٺ جي رهواسين کي هڪ هنڌ گڏ ڪري هڪ سرگرمي ڪئي جنهن جو نالو هيو ”پر ڇو؟“ ته جيئن هر ڪو چٽيءَ طرح سان سمجهي سگهي ته سندن ڪاڪوسن ۾ پائيپن واري پاڻيءَ جي تباهه ٿيڻ جو ڪهڙو سبب هيو.






”پر ڇو؟“ جهڙا سوال پڇندي گلوريا ڳوناٽن کي انهن سيني پهلوئن تي سوچڻ ۾ مدد ڪئي تہ سندن صحت جا مسئلا ڪيئن نہ ماحول سان لاڳاپيل آهن. آخر ۾ گهڻن اها ڳالهہ مڃي تہ زمين جي ڪاڌ روڪڻ ۽ بچاءَ لاءِ وڻ پوکڻ ضروري آهن. پر اِڊيوئارڊو اڃان بہ اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هيو.

# هڪ ڪامياب ماحولياتي صحت سڌارڪ

گلوريا دلگير ٿي هيلٿ سينٽر موٽي آئي. ”جيتوڻيڪ هو وڻن جي اهميت سمجهن بہ ٿا پر تنهن هوندي بہ اهي پوکڻ لاءِ تيار ناهن“. هوءَ سوچڻ لڳي. ”ڪين ڪيئن ٿي سمجهائي سگهان؟“ ان مهل هڪ مکِ اُڏامندي ڪمري ۾ آئي ۽ ڪيس چرڪائي وڌو. گلوريا ڪيس پاڻ کان پري پڃائي ڇڏيو. پوءِ ڏٺو تہ اها دري ٽپي ڪيروب وڻ جي ڳاڙهي گل تي وڃي ويٺي. ان مان ڪيس هڪ نئون خيال آيو.

ٻئي ڏينهن تي گلوريا سيني ڳوناٽن کي وري گڏ ڪيو. هِن ڪائنن هڪ ٻيو سوال پڇيو تہ ان جو سڀ کان پهريائين اِڊيوئارڊو جواب ڏنو.



ٻيا ڳوٺاڻا ان بابت هيٺين ڳالهين تي گهري سوچ ويچار ڪندا رهيا:




گلوريا چيو "جيڪڏهن اسان گل جهليندڙ وڻ پوکيون جن کي ماکيءَ جون مکيون پسند ڪن ٿيون تہ مکين پالڻ جو ڪم شروع ڪري ماکي وڪڻي پئسا ڪمائي سگهون ٿا. گلن کي ڦٽڻ ۾ سال کن لڳي وڃي ٿو"۔ ڳوٺاڻن کي اها صلاح وڻي. ان تي اِڊيوئارڊو بہ ها ڪئي تہ هو وڻن پوکڻ لاءِ تيار آهي، بشرطيڪ ڪو ڪيس ماکي پيدا ڪرڻ سيکاري.

گلوريا جڏهن وڃڻ لڳي تہ اِڊيوئارڊو ڪيس روڪيو ۽ ٻڌايو تہ "جڏهن منهنجو پوٽو دستن سبب بيمار ٿي پيو هو تہ اسان ڪيس ڪيروب وڻ جي ڦرين جي رس پياري هئي، جنهن مان ڪيس ڊاڪٽر جي سيني دوائن کان وڌيڪ سٺو فائدو ٿيو هو. منهنجي خيال ۾ ڪيروب وڻ پوکڻ سٺي ڳالهہ آهي.ان مان اسان جيڪا سُٺي ٺاهينداسين ۽ ماکي پيدا ڪنداسين، ان سان سُٺي کي مٺو ڪري سگهنداسين."

گلوريا هليٿ سينٽر واپس وري تہ نئين رٿائن سبب خوشيءَ ۾ نٿي ماپي. گڏجاڻيءَ جي ڳالهين تي سوچيندي تہ اها ڪيئن ٿي ڪيس اها ڳالهہ آئڙي تہ ڳوٺاڻن کي اهو چوڻ نہ گهرجي تہ ڪين هيئن يا هوئن ڪرڻ گهرجي. پر ان بدران جيڪڏهن ڪيس سنوءِ اثرائتو ماحول سڌارڪ ٿيڻو آهي تہ ڪيس سندن ڳالهيون ٻڌڻيون ۽ ضرورتون سمجهڻيون آهن.